# ڪبُوتَرُ ۽ ڪِيلي

هِڪَ ڪِيلي نَديءَ جي ڪِناري تي رَهندي هُئي. هِڪَ ڏينهن اوچتو ڪِيلي نَديءَ ۾ ڪِري پيئي ۽ ٻُڏِي تي جو وَني رَڙيوُن ڪَيائين، ”بَچايو نَچايو.“

”بَچايو بَچايو. مَدَد ڪَريو، مَهرباني ڪَري موُنکي بَچايو.“

پَرسان ئي هِڪَ وَڻَ تي هَڪُ ڪبوُتر ويـنو هو. ڪيِليءَ جوُن رڙيوُن ٻُڌي هُنَ کي دَيا اَچي ويئي. ڪبوُترَ وَڻَ مان هِڪُ پَنُ پٽي ڪيِليءَ طَرفِ اُڇلايو. پَنُ اُڏامندو اَچي ٻُڏندڙ ڪيَليءَ جي اَڳيان پيو.

ڪيِلي پِنَ مَٿان چَڙِهي لڏُندي لَمَندي اچي ڪِناري تي پَهُتي.

ڪيِليءَ ڪَبوُتَرَ کي چَيو، ”مهرباني ! تو مُهنجي جان بچائي نَہ تہ مان مري وَڃان ها.“

ڪُجه ڏينهنَ ڪانپوءِ اُتي هِڪَ شِڪاري آيو ۽ ڪبوُتَرکي وَڻَ تيوينل ڏِٺائين. تيِرُڪَمان تي ڪَشي ڪبوُتَرَ کي نِشانو ٻڌايائين. ڪيِليءَ اِهو سَڀ ڏِسي ورتو.

چيائِين، ”ڪَبوُتَرَ کي هِنَ شِڪاريءَ جي باري ۾ خَبَر ئي ڪانهي، ڪَبوُتَرَ کي بچائڻ لاءِ جلدي ڪُجُه ڪَرَڻ گهُرِجي.“

اهي سوچي ڪيِليءَ شِڪاريءَ کي ٽَنگ ۾چَڪُ پاتو ۽ ڪيِليءَ جي چَڪُ پائڻ ڪَري شِڪاريءَ ڪان رَڙِ نِڪري ويئي، هي ”پَڳوان!“ ۽ ان ڪري شِڪاري ڪبوُتَرَ کي نِشانو نَہ ٻڌائي سَگهيو.

ڪَبوُتَرَ شِڪاريءَ جي رَڙِ ٻُڌي ۽ اُن طَرَف نِهاريو، شِڪاريءَ کي ڏسي ٽُرتُ اُن وَڻَ تان اُڏامي وِيو.

ڪَبوُتَرَ ڪيِليءَ کي چيو، ”تو مُنهنجي جان بَچائي، وڏِي مَهِرباني! اَڄُ تُنهنجي ڪقري ئي مان جيِئرو آهِيان.“

”اڙي مُنهنجا سُنا دوستَ، تنهنجا بہ شُڪِرانا! ياد ڪوڻہ اَتيئي؟ تو بہ هِڪَ ڏِينهن مُنهنجي جان بَچائي هُئي. اَڄُ توکي بَچائڻ جو مُنهنجو وارو هو.“

سياڻَنَ سَچُ چقيو آهي تَہ ڀلائيءَ جو بدلو ڀلائي ٿيندو آهي.